
# نماز ۾ خشوع پيدا ڪرڻ جا

# 27 مدني گل

**02-May-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

2 مئي ، 2024 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نمازِ ۾ خشوع پيدا ڪرڻ جا 27 مدني گل

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگھندؤ..........

*... ڪوڙ مان نماز پڙهڻ وارا ڏاڙيل

*.. ڪانوَ جيان ٺونگو نہ هڻو...!!

*... نماز جي دوران وڇوڻ 40 ڏنگ هنيا

*... روزيءَ ۾ برڪت جو مضبوط ذريعو

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني جمعرات جو سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪيو! جيڪو ايئن ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي گواهي ڏيندس ۽ شفاعت به ڪندس.[1]

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر یہ تیری رہائی کی چِٹھی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی سوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.(3)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو!

---

[1] شُعَبُ الْاِيْمَان، باب فى الصلوات، جلد:3، صفحه:111، حديث:3033۔

[2]…حدائقِ بخشش، صفحه:188 ملتقطًا۔

[3]… مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!           صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪوڙ مان نماز پڙهڻ وارا ڌاڙيل

چيو وڃي ٿو: هڪ دفعو ڌاڙيلن جو هڪ ٽولو ڪنهن مالدار ماڻهو جي گهر ۾ ڌاڙو هڻڻ جي ارادي سان گهڙي پيو، اوچتو مالدار ماڻهو جاڳي پيو، اهو شور ڪرڻ لڳو ته پاڙي وارا جاڳي پيا ۽ ڌاڙيل ڊپ کان ڀڄڻ لڳا، پاڙي وارن انهن جو پيڇو ڪيو، پر ڌاڙيل اڳيان اڳيان ڀڄي رهيا هئا. ۽ پويان پويان ماڻهو اچي رهيا هئا. رستي ۾ ڌاڙيلن کي هڪ مسجد نظر آئي، اهي جلدي مان مسجد ۾ گهڙي پيا، ۽ ڪوڙ مان نماز پڙهڻ لڳا! ماڻهو به انهن کي تلاش ڪندي مسجد تائين آيا، ڏٺائون ته ڪجھ ماڻهو نماز ۾ مصروف آهن، هنن کان علاوه مسجد ۾ ڪوبه ناهي، چوڻ لڳا ته افسوس! ڌاڙيل اسان کان ڪجھ اڳتي نڪري ويا. ته پوءِ اهي ماڻهو ناڪام ٿي موٽي ويا. اهو ڏسي ڌاڙيلن جي سردار پنهنجي ساٿين کي چيو: جيڪڏهن اڄ اسان ڪوڙ مان نماز جي صورت نه بڻايون ها ته ضرور پڪڙيا وڃون ها، رڳو ڪوڙ ۾ نماز جي صورت اختيار ڪرڻ جي اها برڪت آهي جو اسان ذلت ۽ رسوائي کان بچي وياسون، جيڪڏهن اسان حقيقت ۾ نماز صحيح طور تي اپنائي ونون ته اللّٰهُ رَبُّ الْعِزّت اسان کي دوزخ جي مصيبت کان به بچائي وٺندو، انڪري مان ته اڄ کان وني ڦُر لٽ کان توبه ڪريان ٿو ۽ الله پاڪ جي نافرماني جي عادت ڇڏيان ٿو. ان جا ساٿي چوڻ لڳا: اي اسان جا سردار! جڏهن تو توبه ڪري ورتي آهي ته پوءِ اسان به ڇو پوئتي رهون! اسان به توسان گڏ توبه ۾ شريڪ آهيون. اهڙي نموني سيني ڌاڙيلن سچي دل سان توبه ڪئي، ۽ انهن جو شمار پرهيزگارن ۾ ٿيڻ لڳو. (فيضانِ نماز، ص:۴۸)

هر عبادت سے برتَر عبادت نماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز
ہے مریضوں کو پیغامِ صحت نماز
نارِ دوزخ سے بیشک بچائے گی یہ
رَبّ سے دِلوائے گی تم کو جنّت نماز
پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ
قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نماز
بھائیو! گر خُدا کی رضا چاہیے
آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز
آؤ! مسجد میں جھک جاؤ رَبّ کے حُضُور
تم کو دِلوائے گی حق سے رفعت نماز
یاخُدا! تجھ سے عطّاؔر کی ہے دُعا
مصطفٰے کی پڑھے پیاری اُمّت نماز

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## چا شان آهي پياري نمازيءَ جي...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! چا شان آهي پياري نمازيءَ جي...!! اندازو لڳايو! انهن ڌاڙيلن الله پاڪ جي رضا جي لاءِ نہ بلڪ پاڻ کي گرفتاري کان بچائڻ جي لاءِ باقاعده نماز نہ پڙهي بلڪ نماز جهڙي صورت اختيار ڪئي، يعني جيئن نماز ۾ قيام ڪندا آهيون، رڪوع ۽ سجود ڪندا آهيون، انهن ڪوڙ ۾ هي انداز اختيار ڪيو، چوتہ هي مسجد ۾ اچي ويا هئا، گرفتاري جي ڊپ کان ئي سهي، ڪوڙ مان ئي سهي، ربّ ڪريم جي حضور بيهي تہ رهيا، صرف انهيءَ تي الله پاڪ جي رحمت جوش ۾ آئي ۽ انهن ڌاڙيلن کي توبہ جي توفيق عطا ڪئي وئي.....!!

هي يقيناً ربّ رحمٰن ۽ رحيم جي عطا آهي، جيڪو جيترو ان جي حضور ۾ حاضر ٿيندو آهي، جيترو ان جي بارگاهہ ۾ جهڪندو آهي، جيترو ان جي طرف دل لڳائيندو آهي، ان کي ايترو ئي نوازيو ويندو آهي. هن ۾ اسان جي لاءِ سبق آهي تہ جڏهن ڪوڙ مان نماز جي صورت بڻائڻ وارن کي ربّ جي رحمت محروم نہ ڇڏيو تہ اسان جيڪڏهن الله پاڪ جي رضا جي لاءِ، ڪوڙ مان نہ بلڪ سچ مان نماز پڙهڻ جي عادت بڻايون تہ چا ڪجهہ ڪرم نوازيون نہ ٿينديون...!!

الله پاڪ اسان کي چڱي طريقي سان نمازون پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اچو! چڱي طرح نماز پڙهڻ جي برڪت تي هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

## هڪ عاشقِ مَجازي جو عجيب واقعو

حضرتِ عبدالرحمٰن صفوري رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ "نزهة المجالس" ۾ هڪ عجيب و غريب واقعو لکيو آهي جنهن جو خلاصو هي آهي ته هڪ شخص ڪنهن عورت تي عاشق ٿي پيو آخرڪار همت ڪري اُن هڪ چٺي تي لکي ان عورت سان پنهنجي عشق جو اظهار ڪيو. اها خاتون نهايت شريف خاندان جي هئي، چٺي ڏسي پريشان ٿي وئي ڇو ته شادي شده به هئي، ڪجهه گهڙي سوچي سمجهي اها چٺي پنهنجي مڙس کي ڏنائين. ان جو مڙس هڪ مسجد جو امام هو ۽ نهايت پرهيزگار هئڻ سان گڏوگڏ ڪافي سمجهدار به هو، ان کي پنهنجي زال تي پورو پروسو هو. تنهنڪري اُن چٺي جي جواب ۾ پنهنجي گهر واريءَ جي ئي طرفان اُن اهو جواب لکي موڪليو ته "فلاڻي مسجد ۾ فلاڻي امام جي پويان لاڳيتو چاليهه (40) ڏينهن پنجئي نمازون باجماعت ادا ڪريو، بعد ۾ اڳتي ڏٺو ويندو." ان "**عاشق**" پابندي سان باجماعت نماز پڙهڻ شروع ڪري ڏني. جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا نماز جون برڪتون اُن تي ظاهر ٿيڻ لڳيون. جڏهن چاليهه ڏينهن مڪمل ٿيا ته اُن جي دل جي دنيا ئي بدلجي چڪي هئي تنهن تي اُن اهو پيغام موڪليو: (محترمہ! نماز جي برڪت سان منهنجي اک کُلي وئي آهي، مان مَعَاذَاللّٰہ حرام ڪاري جا خواب ڏسندو هيس پر الله ڪريم جا ڪروڙين احسان جو ان مونکي تنهنجي محبت کان ڇوٽڪارو عطا فرمايو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ) مون پنهنجي بري نيت کان توبہ ڪري ورتي آهي ۽ توکان به معافي گهران ٿو. جڏهن ان نيڪ سيرت خاتون پنهنجي مڙس کي اهو پيغام ٻڌايو ته ان جي زبان مان يڪدم اهو جاري ٿي ويو ته: صَدَقَ اللّٰهُ الۡعَظِيۡمُ فِيۡ قَوۡلِهٖ (يعني رب

عظيم پنهنجي هن ارشاد ۾ بلڪل سچ فرمايو):

إِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بري ڳالهه کان روڪي ٿي

(پ 21، العنڪبوت 45)(نزہۃ المجالس، ج۔ ۱، ص۔ ۱۴۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي نماز جي برڪتن جا طلبگارؤ! ڏٺو اوهان؟ نماز جي برڪت سان هڪ ”مجازي عاشق“ سڌي واٽ تي اچي ويو ۽ اُن جي دل ۾ مالڪِ حقيقي جو عشق ڇوليون هڻڻ لڳو ۽ ان کي دلي سڪون ملي ويو. ۽ واقعي الله پاڪ ۽ اُن جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ئي اهڙي آهي جو جنهن خوش نصيب کي نصيب ٿي وڃي اهو ٻئي ڪنهن سان دل لڳائي ئي نٿو سگهي.

محبت میں اپنی گما یاالٰہی نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی
رہوں مست و بے خد میں تیری ولا میں پلا جام ایسا پلا یاالٰہی

(وسائل بخشش (مرمم) ص۔ ۱۰۵)

## نماز جون برڪتون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه! نماز نهايت بابرڪت عبادت آهي ❖ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جو سبب نماز آهي. (تنبيه الغافلين ص150) ❖ مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جي ٺڏاڻ نماز آهي. (سنن ڪبرىٰ للنسائي جلد5 ص280،حديث:8888) ❖ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنت نماز آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز اونداهي قبر جو ڏيئو آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز عذابِ قبر کان بچائيندي آهي. (الزواجر جلد1ص295) ❖ نماز قيامت جي تپش کان ڇانوَ آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز پل صراط جي لاءِ آساني آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز نور آهي. (مسلم شريف ص115،حديث:534) ❖ نماز جنت

جي ڪنجي آهي. (مسند امام احمد جلد5 ص103، حديث:14668) ❖ نماز جهنم جي عذاب کان بچائيندي آهي. ❖ نماز پڙهڻ سان رحمت نازل ٿيندي آهي. ❖ الله پاڪ محشر جي ڏينهن نمازيءَ سان راضي ٿيندو. ❖ نماز دين جو ٿنڀ آهي. (شعب الايمان جلد3 ص39،حديث:2808) ❖ نماز سبب گناهه معاف ٿيندا آهن. (معجم ڪبير جلد6 ص250، حديث:6125) ❖ نماز دعائن جي قبوليت جو باعث آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز بيمارين کان بچائي ٿي. نماز سان بدن کي سڪون ملي ٿو. ❖ نماز سبب روزيءَ ۾ برڪت ٿيندي آهي. ❖ نماز بي حيائي ۽ برن ڪمن کان بچائيندي آهي. ❖ نماز شيطان کي ناپسند آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز قبر جي اونداهي ۾ اڪيلائپ جي ساٿي آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز نيڪين جي پڙن کي وزني بڻائيندي آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز مؤمن جي معراج آهي. (مرقاة المفاتيح جلد1 ص116) ❖ نماز کي وقت تي ادا ڪرڻ سمورن عملن کان افضل آهي. (تنبيه الغافلين ص 151) ❖ نمازي جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت اها آهي ته هُو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جو ديدار ڪندو. (فيضانِ نماز)

انهي ڪري اسان کي گهرجي ته نماز پڙهندا ڪيون، پنج ئي نمازون پڙهندا ڪيون، مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهون، زهي نصيب! پهرين صف ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان پڙهندا ڪيون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اُن جي برڪت سان دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.

| | |
|---|---|
| بھائیو! گر خُدا کی رضا چاہیئے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز |
| آؤ! مسجد میں جھک جاؤ ربّ کے حُضُور | تم کو دِلوائے گی حق سے رِفعت نماز |
| صبر سے اور نمازوں سے چاہو مدد | پُوری کروائے ہر ایک حاجت نماز |

## نماز برائين کان روڪيندي آهي

الله پاڪ سيپاري 21 سورت عنڪبوت آيت 45 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

إِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بري ڳالهه ڪان روڪي ٿي.

(پاره:21، العنڪبوت:45)

**الله پاڪ جو فرمانِ عاليشان بغير شڪ ۽ شبهي جي حق آهي. يقيناً نماز بي حيائي ۽ بري ڳالهين ڪان روڪيندي آهي.**

**پر هڪ سوال ذهن ۾ اچي ٿو ته جيڪڏهن اسان معاشري ۾ ڏسون ته يقيناً مسلمانن جي هڪ تعداد آهي جيڪا نماز نٿي پڙهي پر ايئن به ناهي ته سيئي مسلمان نماز نٿا پڙهن، هر محلي، هر مسجد ۾ نمازين جي تعداد ته هوندي آهي** پر ڇا سبب آهي جو اڄڪلهه بيشمار نمازين جي اندر ❖ ماءُ پيءُ جي نافرماني، ❖ بي پردگي، ❖عرياني، ❖گار گند، ❖غيبت، ❖چغلي، ❖ فحش گوئي. ❖دل آزاري، ❖ماڻهن جي حَق تلفي،❖ وياج ۽ رشوت جي ڏيڻ وٺڻ وغِيره وغيره گناهن جي ڪثرت آهي! ڇا حقيقي نمازي ❖ڪوڙو، ❖ڌوڪيباز، ❖چغلخور، ❖حرام رزق ڪمائڻ ۽ ❖ ڪائڻ ڪارائڻ وارو، ❖ فلمن ڊرامن جو شوقين، ❖ميوزڪ پروگرامن ۽ ❖ گانن باجن جو شوقين ❖ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ ڪان گهٽائڻ وارو ٿي سگهي ٿو؟ نه..... ڪڏهن به نه..... هرگز نه. بيشڪ حقيقت هي ئي آهي ته نماز برائين ڪان روڪي ٿي. افسوس! اسان جي پنهنجي نمازن ۾ ڪمزوريون آهن، جنهن جي ڪري اسان نيڪ نٿا بڻجي سگهون، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان ❖پنهنجي نماز جو جائزو وٺون، نماز جا ظاهري ۽ باطني آداب سکون ۽ ❖پنهنجو وضو ۽ غسل به درست ڪريون. جيڪڏهن صحيح طريقي سان باوضو باطهارت خشوع ۽ خضوع سان ان جي تمام ظاهري ۽ باطني آدابن کي ڌيان ۾ رکي اسان نماز پڙهنداسين ته اِنْ شَآءَالله ضرور ان جون برڪتون ظاهر ٿينديون ۽ درست پڙهي ويندڙ نماز جي برڪت سان واقعي گناهن جون ظاهري ۽ باطني گندگيون دور ٿي وينديون ۽ اسان نيڪ صورت، نيڪ سيرت مسلمان بڻجي

ويندا سين ۽ اسان جو پورو ڪردار سنتن جو آئينہ دار بڻجي ويندو اِنْ شَآءَاللّٰه.

کیوں نمازی جہنّم میں جائے بھلا! | اس کو دِلوائے گی باغِ جنّت نماز
جو مسلمان پانچوں نمازیں پڑھیں | لے چلے گی انہیں سُوئے جنّت نماز
ہو گی دُنیا خراب، آخرت بھی خراب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز

**هاڻي ذهن ۾ سوال اڀري رهيو هوندو تہ نماز جا ظاهري باطني آداب ڪهڙا آهن...؟ ڪيئن سکنداسين؟ ڪٿان سکنداسين؟ ان جي لاءِ ڪجھ نماز جا آداب مان عرض ڪيان ٿو، باقي اهو آهي تہ نماز ۽ ان جا ظاهري ۽ باطني آداب سکڻ جي لاءِ اسان کي باقاعده وقت ڪيڻ گهرجي.** ❖ اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ باقاعده فيضانِ نماز ڪورس ڪرايو ويندو آهي، 7 ڏينهن جو ڪورس آهي، رهائشي بہ ڪرايو ويندو آهي ۽ جز وقتي بہ هوندو آهي، ان ڪورس ۾ نماز جا احڪام ۽ مسائل سيکاريا ويندا آهن، هي ڪورس ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نماز جي متعلق ڪوڙ علم دين سکڻ جي لاءِ ملندو ❖ شيخ طريقت امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو نهايت ئي پيارو ڪتاب آهي: فيضانِ نماز. 600 کان ڪجھ گهٽ صفحن جو ڪتاب آهي، ان کي پڙهو! نماز جي حوالي سان اهڙي تہ معلومات ان ۾ ڏني وئي آهي جو پڙهي ڪري مزو اچي ويندو. ❖ پوءِ ان سان گڏوگڏ احياءُالعلوم جلد:1 کان نماز جو باب پڙهي وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نماز جي ظاهري باطني آداب جي متعلق گهڻو ڪجھ سکڻ جي لاءِ ملندو. الله پاڪ اسان کي عَمَل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**اچو! نماز جا ڪجھ آداب ٻڌون ٿا:**

## (1) نماز کي وقت ڏيو!

نماز جو پهريون ۽ اهم ترين اَدب هي آهي تہ نماز کي وقت ڏيو! ڏسو! نماز کي دين جو ٿنڀ چيو ويو آهي، دين جي فرائض ۾ اهم ترين فرض نماز آهي، ان جا ڪوڙ سارا فضائل ۽ فائدا بيان ڪيا ويا آهن. هاڻي انهن فائدن تائين پهچڻ جي لاءِ،

ان اهم ترين فرض کي ادا ڪرڻ جي لاءِ اسان کي وقت تہ ڪيڏو ئي پوندو پر افسوس! اسان وٽ حالات اهڙا آهن جو ماڻهو جلدي جلدي مسجد ۾ ايندا آهن، جيئن تيئن ڪري نماز پڙهي ڪري گهر روانا ٿي ويندا آهن، جيتري جلدي نماز جي وقت ڪئي ويندي آهي، شايد ئي ڪنهن ٻي ڪم جي لاءِ ڪئي ويندي هجي....!! ❖ پوءِ هي شيطان مردود بہ ستائيندو آهي، جيئن ئي نماز شروع ڪئي، ڪڏهن ڪهڙو ڪم ياد اچي ويندو آهي، ڪڏهن ڪهڙو ياد ايندو آهي، بس پوءِ جلدي ڪئي ويندي آهي تہ جلدي جلدي نماز پڙهو! پوءِ فلاڻو فلاڻو ڪم بہ ڪرڻو آهي.

## نماز ادا ڪرڻ ۾ جلدبازي

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عالشان آهي ”انسانن ۾ سڀ کان بدترين چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري.“ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪوئي شخص پنهنجي نماز ۾ ڪيئن چوري ڪري سگهي ٿو؟ فرمايائون: ”اهو جيڪو ان جا رُڪوع ۽ سَجدا پورا نٿو ڪري.“ يا ارشاد فرمايائون: ”اهو رڪوع ۽ سجدن ۾ پنهنجي پٺي سڌي نٿو ڪري.“ (مسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 386 حديث 22705)

## ڪانوَ جيان ٺونگو نہ هڻو

حضرت عبدالرحمٰن بن شِبل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪانوَ جيان ٺونگي هڻڻ ۽ خونخوار جانورن وانگر هٿ وڇائڻ کان منع فرمايو. (ابوداؤد جلد1ص328،حديث:862)

يعني ساجد (سجدو ڪرڻ وارو) سجدو ائين جلدي جلدي نہ ڪري جيئن ڪانوُ زمين تي ٺونگو هڻي يڪدم کڻي وٺندو آهي ۽ سجدي ۾ ٺونيون زمين تي نہ لڳائي جيئن ڪتو، بگهڙ وغيره ويهندي وقت لڳائيندا آهن. (مرأة المناجيح جلد2ص82)

## نماز ۾ جلدي ڪرڻ جا نقصان

خادمِ نبي، حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو نمازون پنهنجي وقت ۾ ادا ڪري ۽ نماز جي لاءِ چڱي طرح وضو ڪري ۽ ان جي قيام، خشوع، رڪوع ۽ سجود (يعني سجدا) پورا ڪري ته ان جي نماز اڇي ۽ روشن ٿي ڪري اِهو چوندي نڪرندي آهي: ”الله پاڪ تنهنجي حفاظت فرمائي جهڙي طرح تو منهنجي حفاظت ڪئي.“ ۽ جيڪو شخص نماز بي وقت ادا ڪري ۽ ان جي لاءِ ڪامل (يعني چڱي طرح) وضو نه ڪري ۽ ان جا خشوع، رڪوع ۽ سجدا پورا نه ڪري ته اها نماز ڪاري اونداهي ٿي اِهو چوندي نڪرندي آهي: ”الله پاڪ توکي ضايع ڪري جهڙي طرح تو مون کي ضايع ڪيو.“ ايسيتائين جو الله پاڪ جتي چاهيندو آهي اها (نماز) ان جڳهه پهچي ويندي آهي، پوءِ اها بوسيده (ڦاٽل پراڻي) ڪپڙي وانگر ويڙهي ان نمازي جي منهن تي هنئي ويندي آهي. (معجم اوسط، ج. 2، ص. 227، حديث 3095)

الله اڪبر! الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اسان وٽ جهڙا حالات آهن، دنيا ۾ مَصروفيت ايتري ٿي وئي آهي جو نماز جي فڪر ئي ناهي ٿيندي...!! نمازين مان به ڪيترائي اهڙا هوندا آهن جو ڊوڙندي مسجد ۾ پهتا، جيئن تيئن ڪري وضو ڪيو، ايئن ئي وُضُو جا قطرا ٽمي رهيا آهن، ٻانهون چڙهيل آهن، جلدي مان آيا، نماز شروع ڪئي، هاڻي نماز ۾ پڙهڻ جي لاءِ ته اسان کي هڪ ئي سورت ٿي اچي، سُوره اخلاص.... ان کان علاوه سورتون پڙهڻ جو ذهن ئي ناهي ٺهندو...... بس سڀئي رڪعتون انهي سورت سان جلدي جلدي پڙهون، رڪوع پورو ٿيو يا نه ٿيو، سجدو پورو ٿيو يا نه ٿيو، رڪوع مان اجا مس سڌا بينا هئا سجدي جي لاءِ جهڪڻ شروع ٿي ويا، پهرين سجدي مان اٿي ڪري سِڌا بينا به نه هئا ته اڳئين سجدي ۾ وڃي پهتا. ايئن بس جلدي جلدي جيئن تيئن ڪري نماز پڙهي ۽ هليا ويا....!! هي اسان جي نمازن جو انداز آهي ۽ اسان حديث پاڪ ٻُڌي، جيڪو ٻانهو نماز جا رڪوع ۽ سجدا پورا نٿو ڪري، نماز چوندي آهي: جهڙي طرح تو مون کي ضايع ڪيو الله توکي ضايع ڪري.

خدا جي پناهه! خدا جي پناهه....! اي پيارا اسلامي ڀائرو! غور ته فرمايو! اسان جي نماز، اها عظيم الشان عبادت جنهن اسان جي ڪردار کي سنوارڻو هو، جنهن اسان کي گناهن جي گندگي کان پاڪ ڪرڻو هو، جنهن اسان کي برائي ۽ بي حيائي کان بچائڻو هو، جڏهن اها نماز ئي اسان جي ضايع ٿيڻ جي دعائون ڪري رهي هوندي ته ٻڌايو! پوءِ اسان کي ڇا ملندو...؟ اسان سڌري ڪيئن سگهنداسون؟ اسان جا حالات ڪيئن سنورجندا؟ روزي ۾ برڪت ڪٿان ڪان ايندي؟ بيمارين کان حفاظت ڪهڙي طرح ٿيندي..؟ هي ته دنيا جي ڳالهه آهي، اهڙيون نمازو ڪٺي اسان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ڪيئن حاضر ٿي سگهنداسون....؟

انهيءَ ڪري منهنجا پيارا اسلامي ڀائرو! نماز اهم ترين عبادت آهي، ان لاءِ باقاعده وقت ڪيو! نماز پوري ترتيب سان پڙهو! پوري اطمينان سان، سنتن ۽ مستحبات جو خيال رکندي وضو ڪيو! پوءِ نهايت سليقي سان، وقار سان، دل ۾ عاجزي سان، زهي نصيب! خوفِ خدا کان ڏڪندي مسجد اچي ڪري صف ۾ ويهي رهو! پوءِ ڏسو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! ڪجهه ئي ڏينهن ۾ دل جي مير صاف ٿيڻ شروع ٿي ويندي، دل ۾ نور پرجڻ شروع ٿيندو، پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! اهي برڪتون نصيب ٿينديون جو دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي.

## اطمينان سان نماز پڙهڻ جي فضيلت

حديث پاڪ ۾ٻڌو! حضرت عُباده بن صَامِت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص سني طرح وضو ڪري پوءِ نماز لاءِ بيهي، ان جي رڪوع، سجدن ۽ قراءت کي مڪمل ڪري ته نماز چوندي آهي: ”الله پاڪ تنهنجي حفاظت ڪري جهڙي طرح تو منهنجي حفاظت ڪئي.“ پوءِ ان نماز کي آسمان جي طرف وٺي وڃبو آهي ۽ ان لاءِ چمڪ ۽ نور هوندو آهي، پوءِ ان لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ايسيتائين جو ان کي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو آهي ۽ اها نماز ان نمازي جي شفاعت ڪندي آهي. (شعب الايمان، ج. 3، ص. 143، حديث 3140)

ہوں میری ٹوٹی پھوٹی نمازیں خدا قبول
اُن دو کا صدقہ جن کو کہا شہ نے میرے پھول

وضاحت: امام حَسَن ۽ حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما جن کي سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رَیْحَانَتَیْ يعني منهنجا گُل فرمايو، اي الله پاڪ! انهن جي صدقي منهنجون ٽٽل ڦٽل نمازون قبول فرمائي ڇڏ.

سُبْحٰنَ الله! اندازو لڳايو! جنهن ٻانهي کي افضل ترين عبادت يعني نماز حفاظت جي دعا ڏئي رهي هجي، ان ٻانهي جي حفاظت ڇونہ ڪئي ويندي، ان جا ڪم غيب مان ڇونہ ٺهندا...!! ڀلا سوچيو تہ.....!! هڪ آهي اهو ٻانهو جنهن کي نماز چوندي آهي: الله پاڪ توکي ضايع ڪري، ٻيو آهي اهو ٻانهن جنهن کي نماز چوندي آهي: الله پاڪ تنهنجي حفاظت فرمائي. انصاف سان چئو! انهن مان ڪنهن جي ڪاروبار ۾ برڪت ايندي...؟ انهن ٻنهي مان ڪنهن کي سڪون ملندو؟ انهن ٻنهي مان ڪهن جو گهر اَمن جو گهوارو بڻجندو؟ يقيناً ان جو جنهن کي نماز حفاظت جي دعا ڏئي رهي آهي. بس اهو ئي نتيجو آهي، اسان جن ڪمن جي ڪري نماز ۾ جلدي ڪيون ٿا، جيڪڏهن اسان نماز اطمينان سان پڙهڻ شروع ڪيون تہ اسان جا اهي ڪم صحيح طور تي ٿي سگهن ٿا. پر اسان انهن ڪمن ۾ جلدي جي ڪري نماز ۾ جلدي ڪندا آهيون. نتيجو اهو نڪرندو تہ

نہ خُدا ہی ملا نہ وِصَالِ صنم
نہ اِدھر کے رہے، نہ اُدھر کے رہے

يعني نماز ۾ جلدي هئي تہ دنيا جا ڪم ڪرڻا آهن، نتيجو هي نڪتو تہ نماز جي نورانيت ضايع ٿيڻي هئي، سو ٿي، دنيا جا ڪم بہ پورا نہ ٿيا، ڇوتہ نماز چئي ئي ڇڏيو: جيئن تو مون کي ضايع ڪيو، الله پاڪ توکي ضايع ڪري.
الله پاڪ اسان کي سمجهہ نصيب ڪري. نماز پڙهو! ضرور پڙهو! وقت ڪيي

پڙهو! پوري اهتمام سان پڙهو! ربّ جي محبت دل ۾ سجائي ڪري، الله پاڪ ڏسي رهيو آهي، هي تصور جمائي ڪري پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت بئي سنورجي ويندا.

## (2) نماز پوري تَوَجّه سان پڙهو

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز جو ٻيو اَدب هي آهي ته نماز پوري توجه سان پڙهي وڃي. مثال طور جڏهن اسان وُضو ڪري رهيا هجون ته دل ۾ عاجزي هجي، زبان سان وضو جون دعائون پڙهندا وڃو، پوءِ جڏهن نماز شروع ڪئي، الله اڪبر چئو ته ڌيان الله پاڪ جي طرف رهي، انهي طرح جيڪو ڪجھ اسان نماز ۾ پڙهندا آهيون، مثلاً ❁ سورت فاتحه ❁ ان ڪان پوءِ جيڪا سورت پڙهڻي آهي ❁ پوءِ رڪوع جون تسبيحون ❁ سجدي جون تسبيحون ❁ اَلتَّحِيَّات ❁ درود پاڪ ۽ ❁ آخر جي دعا، سڀ ڪجھ ترجمي سان ياد ڪري ڇڏيو، پوءِ نماز ۾ ان جي ترجمي تي نظر رکندي تَوجه سان نماز پڙهندا وڃو، ايئن ئي قيام جي حالت ۾ نظر سجدي جي جڳھ تي هجي، رڪوع ۾ نظر پيرن جي پني تي هجي، قومہ ۾(يعني جڏهن رڪوع ڪان اٿندا آهيون، ان وقت) نظر سيني تي هجي، سجدي ۾ وڃي ڪري نظر نڪ جي طرف هجي، اَلتَّحِيَّات ۾ ويهو ته نظر جهولي ۾ رکو، ايئن پوري اطمينان سان پوري توجه سان نماز پڙهو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! لُطف به ايندو ۽ نماز جي نورانيت به نصيب ٿيندي.

## جنت واجب ٿي ويندي آهي

حضرت عُقبَہ بن عامِر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بيان ڪن ٿا: مون الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏنو ته پاڻ ويهي ڪري ماڻهن کي هي ارشاد فرمائي رهيا هئا: جيڪو مسلمان چڱي نموني وضو ڪري پوءِ ظاهر ۽ باطن جي دلجمعي سان 2 رڪعتون ادا ڪري ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي. (مسلم ص۱۱۸حديث۵۵۳)

## منهنجي طرف متوجه ٿي وڃو!

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته سرورِ دوجهان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن ٻانهو نماز لاءِ بيهندو آهي ته اهو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندو آهي، جڏهن هو هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو آهي ته الله پاڪ ارشاد فرمائيندو آهي:”تون ڪنهن جي طرف ڏسي رهيو آهين؟ ڇا مون کان بهتر ڏانهن ڏسي رهيو آهين؟ اي ابن آدم (يعني اي انسان) منهنجي طرف متوجهه ٿي! مان ان کان بهتر آهيان، جنهن جي طرف تون ڏسي رهيو آهين.“

(مسند البزار جلد16 ص200،حديث:9332)

## نمازَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سان رحمت جو ڦري وڃڻ

حضرت سَيِّدُنا ابوذر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: رسولِ انور، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”الله پاڪ جي رحمت نمازيءَ جي طرف متوجهه رهندي آهي جيسيتائين اهو هيڏانهن هوڏانهن نه ڏسي، جڏهن هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو آهي ته الله پاڪ جي رحمت به ان کان ڦري ويندي آهي.“ (ابوداؤد جلد 1 ص 344، حديث: 909)

## دورانِ نماز وڇونءَ 40 ڏنگ هنيا

حضرت عبدُالله بن مُبارَڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ننڍپڻ ۾ ڏٺل هڪ عبادت گذار خاتون مون کي چڱي طرح ياد آهي. نماز جي حالت ۾ وڇونءَ ان کي چاليهه (40) ڏنگ هنيا پر ان جي حالت ۾ تورو به فرق نه آيو. جڏهن اها نماز کان فارغ ٿي ته مون چيو: امان! هن وڇونءَ کي اوهان هٽايو ڇو نه؟ جواب ڏنائين: صاحبزاده! اڃان تون ٻار آهين، اهو ڪيئن مناسب هو! مان ته پنهنجي رب جي ڪم ۾ مصروف هُيَس، پنهنجو ڪم ڪيئن ڪريان ها؟ (ڪشف المحجوب،ص332ذ)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نه نرالي سوچ آهي...!! ٻانهو جڏهن ربّ جي حضور ۾ حاضر ٿي ويو، ان جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويو، هاڻي ان کي هي زيب نٿو ڏي ته پنهنجون نگاهون هيڏانهن هوڏانهن ڪڍي، اکين جي ڪنارن سان هيڏانهن هوڏانهن

ڏسندو رهي، ان کي تہ ايئن ڪرڻ گهرجي تہ اَدب سان توجّهہ سان بس ربّ ڪريم جي رحمت تي نظرون ڄمائي، اُن جي حضور حاضر رهي.

وضاحت: خيال رهي! ان بُزرگ خاتون وچون نہ هٽايو، هي سندس تقوا ۽ بلند ڪردار آهي، اسان جهڙا ڪمزور ايمان وارا نماز جي دوران جيڪڏهن وچونءَ کي هٽائين تہ جائز آهي. البتہ! هن مسئلي جي تفصيل آهي جيڪا اوهان کي امير اهل سُنت جي رسالي نماز جو طريقو مان ملي ويندي، اتان پڙهي وٺو!

## حضرت حاتِم اَصَم جي نماز جو انداز

حضرت سيدنا حاتِم اَصَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان سندن جي نماز جي باري ۾ پڇيو ويو تہ فرمايائون: "جڏهن نماز جو وقت ٿيندو آهي تہ مان پورو وضو ڪندو آهيان، پوءِ نماز جي جڳهہ اچي ويهي رهندو آهيان ايسيتائين جو منهنجي بدن جا سڀ عضوا (يعني بدن جا سمورا حصا) پُرسڪون ٿي ويندا آهن، پوءِ نماز لاءِ بيهندو آهيان ۽ ڪعبہ معظمہ کي پِنبڻن(Eyebrows) جي سامهون، پل صراط کي قدمن جي هينان، جنت کي ساڄي هٿ جي پاسي ۽ جهنم کي کابي هٿ جي پاسي، مَلَڪُ الْموت عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي پٺيان خيال ڪندو آهيان ۽ ان نماز کي پنهنجي آخري نماز سمجهندو آهيان. پوءِ اميد ۽ خوف واري ڪيفيت سان حقيقي طور تڪبير تحريمہ چوندو آهيان. قرآن ڪريم آهستہ آهستہ پڙهندو آهيان، رڪوع عاجزي سان ۽ سجدو خشوع سان ڪندو آهيان. کاٻو(Left) پير وڇائي ان تي ويهندو آهيان، ساڄو(Right) پير اُڀو ڪندو آهيان. خوب اخلاص سان ڪم وٺڻ جي باوجود اهوئي خوف رکندو آهيان تہ خبر ناهي منهنجي نماز قبول ٿيندي يا نہ!" (احياءُ العلوم،ج1،ص206)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي عظيم نماز آهي.....!! ڪاش! اسان کي بہ توفيق ملي، اسان بہ اهڙا پيارا پيارا تَصَوُّرات ٻڌي ڪري نماز پڙهون. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي.

## (3) اخلاص سان نماز پڙهو!

جو نماز جي لاءِ سيني کان بنيادي شرط اخلاص آهي. لھٰذا هر طرح جي نماز چاهي فرض هجي يا نفل، صرف ۽ صرف الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ پڙهي وڃي، ٻين کي ڏيکارڻ جي لاءِ رياڪاراڻه نماز نه پڙهي وڃي.

## ربُّ العالمين جي توهين ڪرڻ وارو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن ماڻهن جي اڳيان چڱي طرح ۽ اڪيلائيءَ ۾ بري طريقي سان نماز ادا ڪئي، بيشڪ ان پنهنجي رب ڪريم جي توهين ڪئي. (مسند ابو يعليٰ جلد4ص380،حديث:5095) هتي توهين مان مراد بارگاهِ اِلاهي ۾ ادب جي گهٽتائي آهي، ڪفريه توهين مراد ناهي.

## 30 سالن جون نمازون ٻيهر پڙهيون

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 30 سالن تائين مسجد جي پهرين صف ۾ (باجماعت ) نماز ادا فرمائيندا رهيا، هڪ ڀيري ان کي پهرين صف ۾ جڳهه نه ملي ۽ ٻي صف ۾ بيهي رهيا ته شرم سار ٿيڻ لڳا ته ماڻهو ڇا چوندا ته ڏسو! اڄ هن ماڻهوءَ جي پهرين صف رهجي وئي آهي. اهو خيال ايندي ئي اهي سنيلجي ويا ۽ پنهنجي نفس کي چيو:” اي نفس! مان 30 سالن تائين جيڪي نمازون پهرين صف ۾ ادا ڪندو رهيس ڇا اهي ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ هيون جو اڄ توکي شرم اچي رهيو آهي!“پوءِ انهن اڳوڻيون 30 سالن جون نمازون دهرايون (يعني ٻيهر ادا ڪيون) ۽ ڪمالِ صدّق (يعني پوري سچائي) ۽ اِخلاص جو نادر مثال قائم فرمايو. (اِحياءُالعلوم ج2ص302)

الله اڪبر! اسان جي بُزرگن جي اخلاص جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! فقط هڪ دلي خيال جي سبب 30 سالن جون نمازون ٻيهر دهرايون، افسوس! اسان غافلن جي حالت هي آهي ته پهريان ته دل جي ڪيتي عبادت جي جذبي جي ٻچ کان خالي ۽ جيئن تيئن ڪري عبادت ڪري به وٺو ته اخلاص جي پاڻي جي

ڪمي بلڪ واھ واھ جي بُري آفت کان عبادت جو فصل داڻ تي لڳائي ڇڏيندا آھيون.

نفسِ بدکار نے دل پر یہ قِیامت توڑی
عملِ نیک کیا بھی تو چھپانے نہ دیا

## (4) نماز خشوع ۽ خضوع سان پڙھو!

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز جي آداب مان اھو بہ آھي تہ نماز خشوع ۽ خضوع سان پڙھي وڃي. الله ڪريم سيپاري 18 سُوۡرَۃُ الۡمُؤۡمِنُوۡن جي آيت نمبر 1 ۽ 2 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ۙ﴿۱﴾ الَّذِیۡنَ ہُمۡ فِیۡ صَلَاتِہِمۡ خٰشِعُوۡنَ ۙ﴿۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ مراد کي پھتا ايمان وارا. جيڪي پنھنجي نماز ۾ عاجزي ۽ زاري ڪن ٿا. (پاره:18، المؤمنون:1-2)

"تفسير صراط الجنان" جلد 6 صفحي 494 تي آھي: ھن آيت ۾ ايمان وارن کي بشارت (يعني خوشخبري) ڏني وئي آھي تہ بيشڪ اھي الله پاڪ جي فضل سان پنھنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ هميشہ لاءِ جنت ۾ داخل ٿي ھر ناپسنديده شيءِ کان نجات ماڻيندا. (تفسيركبير،ج8،ص258، روح البيان،ج6،ص66،ملتقطاً) وڌيڪ صفحي 496 تي آھي: ايمان وارا خشوع ۽ خضوع سان نماز ادا ڪندا آھن، ان وقت ان جي دلين ۾ الله ڪريم جو خوف ھوندو آھي ۽ انھن جا عضوا بيٺل پُرسڪون ھوندا آھن.

## خشوع جي تعريف

**خشوع جي معنيٰ آھي:** "دل جو فعل ۽ ظاھري عضوئن (يعني ھٿن پيرن) جو عمل" (تفسير كبير، ج8،ص259) دل جو فعل يعني الله پاڪ جي عظمت پيشِ نظر ھجي،

دنيا کان توجهه هٽيل هجي ۽ نماز ۾ دل لڳل هجي. ۽ ظاهري عضوئن جو عمل يعني سڪون سان بيٺو رهي، هيڏانهن هوڏانهن نه ڏسي، پنهنجي جسم ۽ ڪپڙن سان نه ڪيڏي ۽ ڪو فضول و بيڪار ڪم نه ڪري.

(ماخوذ از تفسيرڪبير، ج8،ص259، مدارڪ،ص751، صاوي،ج4،ص1356)

## نماز ۾ خشوع مستحب آهي

علامه بدر الدين عيني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نماز ۾ خشوع مستحب آهي. (عمدة القاري،ج4،ص391،تحت الحديث741) منهنجا آقا اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: نماز جو ڪمال، نماز جو نور، نماز جي خوبي فهم ۽ سوچ ويچار ۽ حضورِ قلب (يعني خشوع) تي آهي. (فتاوي رضويه،ج6،ص205) مطلب اهو ته اعلي درجي جي نماز اها آهي جيڪا خشوع سان ادا ڪئي وڃي.

## خشوع سان نماز پڙهڻ گناهن جو ڪفارو

اَمير المؤمنين حضرت عثمان ابن عفان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: مون اللّٰه پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو فرمائيندي ٻڌو ته جنهن مسلمان تي فرض نماز جو وقت اچي ۽ اهو چڱي طرح وضو ڪري خشوع سان نماز پڙهي ۽ صحيح طريقي سان رڪوع ڪري ته اها نماز ان جي اڳوڻن گناهن جو ڪفارو ٿي ويندي آهي جيسيتائين اهو ڪو ڪبيره گناهه نه ڪري ۽ هي (يعني گناهن جي معافي جو سلسلو) هميشه ٿي هوندو آهي. (ڪنهن زماني سان خاص نه آهي.)

(مسلم،ص116،حديث543)

## رڪوع مان مراد هتي پوري نماز آهي

علامه عبد الرؤف مُناوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: رڪوع مان مراد نماز جا تمام ارڪان آهن يعني هو نماز جا سمورا رڪن سٺي طرح ۽ خشوع سان ادا ڪري ۽ سڀ رڪن چڱي طرح ادا ڪرڻ جو مطلب اهو هوندو آهي ته هر رڪن پوري طريقي تي (سنتن وغيره جو لحاظ ڪندي) ادا ڪيو وڃي. (وڌيڪ فرمائن ٿا:) نماز صغيره (يعني ننڍن) گناهن لاءِ ڪفارو ٿيندي

آهي، ڪبيره (يعني وڏن) گناهن لاءِ نہ، ڇو تہ ڪبيره گناهہ نماز سان معاف ناهن ٿيندا (ڪبيره گناهن جي معافي جي لاءِ توبهہ ۽ ان جا تقاضا پورا ڪرڻا پوندا) (التيسير،ج2،ص358)

## خشُوع واري نماز غم پري ڪري ڇڏيندي آهي

دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 103 صفحن جي ڪتاب "راهِ علم" جي صفحي 87 تي آهي: نماز خشوع و خضوع سان ادا ڪرڻ ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ لڳل رهڻ فڪر ۽ غم کي دور ڪري ڇڏيندو آهي. (راهِ علم)

## روزي ۾ برڪت جو مضبوط ذريعو

انهي "راهِ علم" جي صفحي 92 تي آهي: رزق جي وسعت جو قوي يعني روزي ۾ برڪت جو مضبوط ترين ذريعو اهو آهي تہ انسان نماز کي خشوع و خضوع، تعديلِ ارڪان (يعني نماز جا رڪن، آهستي آهستي ادا ڪرڻ) جو لحاظ ڪندي ۽ تمام واجبات ۽ سُنّتن ۽ آداب جي پوري طرح رعايت ڪندي ادا ڪري. (راهِ علم)

## باهَ لڳي وئي پر نماز ۾ مشغول رهيا!

تابعي بزرگ حضرت سيدنا مُسلِم بِن يَسار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ايتري قدر توجهہ سان نماز پڙهندا ها جو پنهنجي آس پاس(چوڌاري) جي ڪجهہ بہ خبر نہ هوندي هئي. هڪ ڀيري نماز ۾ مشغول هئا تہ اوچتو سندن ويجهو باهہ لڳي وئي پر کين کي احساس تائين نہ ٿيو ايسيتائين جو باهہ وسائي وئي. (الله ولوں کی باتیں،ج2،ص447)

## چار مختصر حڪايتون

**حڪايت(1):** امُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان سان ۽ اسان سندن سان گفتگو ڪري رهيا هوندا هئاسين پر جڏهن نماز جو وقت ٿيندو هو تہ (اسان ائين ٿي ويندا هئاسين) ڄڻ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ اسان کي سڃاڻيندا هجن ۽ نہ اسان سندن کي سڃاڻينداهجون.(احياءُ العلوم،ج1،ص205) حڪايت(2):امير المؤمنين حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نماز ۾ ائين هوندا هئا ڄڻ زمين ۾ لڳل ڪِلّو آهن. حڪايت(3):

ڪجهه صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان رڪوع ۾ ايترا پُر سڪون هوندا ها جو انهن تي جهرڪيون ويهي رهنديون هيون ڄڻ اهي جمادات (يعني بي ساهه شين) مان آهن.(احياءُ العلوم،ج1،ص228-229) حڪايت(4):ڪجهه صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن ماڻهو نماز واري ڪيفيت تي اٿاريا ويندا يعني نماز ۾ جنهن کي جيترو اطمينان ۽ سڪون حاصل ٿيندو آهي انهيءَ مطابق ان جو حشر (اٿاريو وڃڻ) ٿيندو. (ايضا،ج1،ص222)

الله ڪريم اسان کي خشوع ۽ خضوع سان نماز پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اسان خشوع ۽ خضوع سان نماز ڪهڙي طرح پڙهي سگهون ٿا...؟ انهي جي لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻو آهي؟ شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي ڪتاب فيضان نماز ۾ ان جا ڪيترائي طريقا لکيا آهن، اچو! ٻڌون ٿا:

## آقا ڪريم جون چار دعائون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو: خشوع جي جڳهه دل آهي جڏهن تہ عضوا ان جي ظاهر هئڻ جو مقام آهن. خشوع حاصل ٿيڻ اللّٰهُ رَبُّ الۡعِزَّت جي نهايت عظيم نعمت آهي. شيطان ڀريان تہ ٻانهي کي نماز کان روڪيندو آهي، جيڪڏهن ٻانهو پوءِ بہ نماز پڙهڻ لڳندو آهي تہ مختلف دنياوي شيون ياد ڏياري نماز جي رُوح يعني خشوع ۽ خضوع ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. بزرگانِ دين رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡهِم خشوع ۽ خضوع سان نمازون ادا ڪندا هئا، اسان کي بہ خشوع ۽ خضوع حاصل ڪرڻ لاءِ خوب ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي ماڱڻ لاءِ روئي روئي دعائون گهرڻ گهرجن. اسان جا پيارا آقا ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيئن دعا گهرندا هئا.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ قَلۡبٍ لَّا يَخۡشَعُ[1]

ترجمو: اي الله! مان ان دل کان تنهنجي پناهه ٿو گهران جيڪا خشُوع اختيار نہ ڪري.

---

[1] (ترمذي شريف جلد5ص293،حديث:3493،مختصراً)

(2) رَبِّ اجۡعَلۡنِيۡ لَكَ شَكَّارًا، لَكَ ذَكَّارًا، لَكَ رَهَّابًا، لَكَ مِطۡوَاعًا، لَكَ مُخۡبِتًا، اِلَيۡكَ اَوَّاهًا مُّنِيۡبًا[1]

ترجمو: اي منهنجا ربَّ! مونکي تنهنجو گهڻو شڪر گذار، تنهنجو ڪثرت سان ذڪر ڪندڙ، توکان گهڻو ڊڄندڙ، تنهنجو نهايت فرمانبردار، تنهنجي لاءِ خشوع اختيار ڪندڙ، تنهنجي بارگاهه ۾ گهڻي زاري ڪندڙ ۽ رجوع ڪندڙ بڻاءِ.

(3) اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ عِلۡمٍ لَّا يَنۡفَعُ، وَمِنۡ قَلۡبٍ لَّا يَخۡشَعُ، وَمِنۡ نَفۡسٍ لَّا تَشۡبَعُ، وَمِنۡ دَعۡوَةٍ لَّا يُسۡتَجَابُ لَهَا[2]

ترجمو: اي الله! مان تنهنجي پناهه وٺان ٿو ان علم کان جيڪو فائدو نه ڏئي، ان دل کان جيڪا خشوع اختيار نه ڪري، ان نفس کان جيڪو سير نه ٿئي، ان دعا کان جيڪا قبول نه ٿئي.

(4) اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ صَلَاةٍ لَّا تَنۡفَعُ[3]

اي الله! مان تنهنجي پناهه وٺان ٿو ان نماز کان جيڪا فائدو نه ڏئي.

## گناهه خشوع جي راهه ۾ تمام وڏي رڪاوٽ آهي

امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة لکن ٿا: جيڪڏهن اوهان خشوع ۽ خضوع سان نمازون پڙهڻ چاهيو ٿا ته سڀ کان پهريان گناهن کان بچو، گناهه خشوع جي راهه ۾ تمام وڏي رڪاوٽ آهي، گناهه تي قائم رهندي خشوع حاصل نٿو ٿئي سگهي.

## دلين کي نرم ڪرڻ وارا ڪم

جيڪڏهن دل ۾ نرمي ۽ خشوع پيدا ڪرڻ چاهيو ٿا ❁ ته نيڪين جي ڪثرت ڪريو ۽ ❁ هڪ عظيم الشان نيڪي تلاوتِ قرآن به آهي. تلاوت جي ڪري دل نرم ٿيندي آهي، ❁ پڻ ماڻهن سان ڀلائي ڪرڻ به دل جي نرمي جو باعث آهي.

1 (ترمذي شريف جلد5ص323،حديث:3562،مختصراً)

2 (مسلم شريف ص1118،حديث:6906)

3 (ابوداود،جلد2ص131،حديث:1549)

هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ دل جي سختي جي شڪايت ڪئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن چاهين ٿو تہ تنهنجي دل نرم ٿئي تہ مسڪينن کي کاڌو کاراءِ ۽ يتيمن جي مٿي تي هٿ ڦير.“

(شعب الايمان جلد2ص472، حديث11034)

## دل جي سختي ڪيئن دور ٿئي؟

اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان هڪ خاتون دل جي سختي جي شڪايت ڪئي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ارشاد فرمايو: ”موت کي ڪثرت سان ياد ڪندي ڪر تنهنجي دل نرم ٿي ويندي.“ جڏهن ان عورت ائين ڪيو تہ ان جي دل نرم ٿئي وئي. پوءِ ان اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو شڪريو ادا ڪيو.

(الروض الفائق ص23)

## الله جي ويجهو سج کان وڌيڪ روشن چهرو ڪنهن جو هوندو؟

هڪ حديثِ قدسيءَ ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: مان هر نمازي جي نماز قبول ناهيان ڪندو بلڪ مان ان جي نماز قبول ڪندو آهيان ❁ جيڪو منهنجي عظمت جي خاطر عاجزي اختيار ڪري، ❁ منهنجي پاران حرام ڪيل شين کان پنهنجي خواهشن کي روڪي رکي، ❁ منهنجي نافرماني تي اصرار نہ ڪري، ❁ بکايل کي کاڌو کارائي، ❁ بي لباس کي لباس پارائي، ❁ مصيبت زده تي رحم ڪري، مسافر کي رهائش ڏئي ۽ ❁ اهو سڀ ڪجھ منهنجي رضا لاءِ ڪري. مونکي پنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! ❁ ان جي چهري جو نور منهنجي ويجهو سج جي نور کان وڌيڪ روشن ٿيندو، ❁ ان کان علاوه مان ان جي جهالت کي بردباري ۽ نرمي ۽ ان جي اونداهي کي روشني بڻائي ڇڏيندس، اهو مونکي پڪاريندو مان ان کي لَبَّيڪ چوندس، مونکان سوال ڪندو ان کي عطا ڪندس، منهنجي قسم کڻندو مان ان جي قسم پوري ڪندس پڻ ان کي پنهنجو قرب عطا ڪري ان جي نگهباني ڪندس ۽ پنهنجي ملائڪن جي ذريعي ان جي حفاظت ڪرائيندس. (ڪنزالعمال جلد7ص214،حديث:20100)

## ڌيان هٽائيندڙ معاملن کان اڳ ۾ فارغ ٿي وڃو

نماز شروع ڪرڻ کان اڳ تمام ڪمن کان پاڻ کي فارغ ڪري وٺو جيڪي نماز ۾ ڌيان هٽائڻ ۽ ياد اِلٰهي کان غافل ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا پڻ جڳهه پرسڪون ۽ گوڙ کان دور هجي، سامهون واري پردي يا نماز واري جاءِ تي اهڙو نقش و نگار نہ هجي، جنهن سان توجهه هٽي ۽ خشوع ۽ خضوع ۾ خلل اچي. سخت سردي ۽ سخت گرمي کان بچاءُ جا اسباب بہ اختيار ڪيو. جيڪڏهن ڪائڻ يا پيشاب وغيره ڪرڻ جي حاجت هجي تہ ان کان فارغ ٿي وڃو.

## سمجهداري واري ڳالهہ(قول ۽ حڪايت)

حضرت ابودَردا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ”انسان جي سمجهداري مان هِي آهي تہ پهريان ئي پنهنجو ضروري ڪم مڪمل ڪري ڇڏي تہ جيئن نماز شروع ڪندي وقت ان جي دل فارغ هجي.“ (قوت القلوب جلد2ص169) تابعي بزرگ حضرت سيدنا مَسرُوق رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجي گهروارن کي فرمائيندا هئا: ”(مون سان متعلق) پنهنجون تمام حاجتون منهنجي نماز شروع ڪرڻ کان پهريان پهريان مون کي ٻڌائيندا ڪريو.

## نماز ۾ جيڪو ڪجهہ پڙهون ٿا ان جي معنٰي ياد هجي

خشوع حاصل ڪرڻ لاءِ نماز ۾ پڙهيون ويندڙ سورتون ۽ نماز جا ذڪراذڪار مثال طور ثناء، سورة فاتحہ، رڪوع ۽ سجدي جون تسبيحون ۽ دورد شريف وغيره جي معنيٰ معلوم هجي تہ جيئن خبر پوي تہ پنهنجي پروردگار کي ڇا عرض ڪري رهيا آهيون. آيتن ۽ دعائن جي معنيٰ جيڪڏهن ذهن ۾ موجود هوندي تہ خيالات قابو ۾ رهي سگهندا، ۽ اِنْ شَآءَاللّٰہ پوري طور تي خشوع ۽ خضوع سان نماز ادا ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿيندي.

## نماز ۾ خشوع پيدا ڪرڻ جا 27 مدني گلَ

الله پاڪ اسان کي خشوع ۽ خضوع سان نماز پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي، امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ ان جي لاءِ مدني گل ڏيندي فرمائن ٿا: (1)

بک اچ هجي تہ مِٺائي ونو (2) پيشاب وغيره (3) ضروري ڳالهہ ٻولهہ ۽ (4) فون ڪرڻ ٻڌڻ کان فارغ ٿي ونو (5) موبائل فون سائلنٽ ڪري ڇڏيو (6) ٻارن کان پري رهو (7) شور ۽ گوڙ جي آواز کان بچڻ جي تَدْبِير ڪيو (8) جيڪو انتظار ۾ هجي ان کي فارغ ڪري ونو (9) سامهون واري پٽ تي نقش ۽ نگار هجي يا سامهون شيشو وغيره هجي ۽ ڌيان هٽندو هجي تہ جڳهہ تبديل ڪري ونو (10) جيڪڏهن گرمي خشوع ۾ رڪاوٽ بڻجندي هجي تہ پکو يا مُمکِن هجي تہ a.c جي ترڪيب رکو (11) سردي لڳندي هجي تہ نماز ۾ گرم لباس ۽ هيٽر وغيره استعمال ڪيو (12) لباس، عمامو، چادر وغيره مان ڪا شيءِ اطمينان ۾ رڪاوٽ نہ بڻجي، ان جو خيال رکو، مَثال طور لباس سوڙهو نہ هجي، ان جي سختي محسوس نہ ٿيندي هجي، وغيره (13) پيرن ۾ مڇرَ ڪائيندا هجن تہ جوراب پائي ونو (14) عِمامو يا ان کان مٿين چادر سجدي ۾ سرڪندي رهڻ يا گرمي لڳڻ يا ٻوساٽڻ وغيره جو سبب هجڻ وغيره خشوع ۾ رڪاوٽون آهن (15) ڪيسي ۾ موجود شين جو وزن رڪاوٽ بڻجندو هجي تہ ڪڍي ڇڏيو (16) نقش ۽ نگار واري مصلّي تي نماز پڙهڻ کان بچو (17) مصلو يا ڪارپيٽ وغيره خشوع ۾ گهٽتائي جو سبب بڻجندا هجن تہ هٽائي ڇڏيو يا پاڻ هٽي وڃو (18) جيڪا بہ شيءِ خشوع ۾ رنڊڪ وجهندي هجي تہ ممڪن صورت ۾ ان کي پري ڪري ڇڏيو (19) خشوع ۾ وَسْوَسا رڪاوٽ بڻجندا هجن تہ نماز شروع ڪرڻ کان پهريان اهڙي نموني جو ٻيا نہ ڏسن اهڙي طرح کابي ڪلهي ڏانهن ٽي ڀيرا ٿڪيو پوءِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّابِاللّٰهِ الْعَلِىِّ الْعَظِيْم پڙهو، قِيام ۾ سجدي جي جڳهہ، رڪوع ۾ پيرن تي، سجدي ۾ نک تي قعدي ۾ جهولي ۾ نظر رکو اِنْ شَآءَاللّٰه وَسْوَسَن کان بچَت ٿيندي (20) جيڪا نماز ادا ڪري رهيا آهيو اُن کي پنهنجي زندگيءَ جي آخري نماز سمجهو (21) هي ذهن بڻائي رکو تہ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي (22) مُخْتَلِف نَمازن ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَہ کان سواءِ پڙهيون ويندڙ سورتون مَٽائي مَٽائي پڙهو (23) دوران نَماز تلاوت ۾ تَجْوِيد جي ضروري قاعِدن تي عمل ڪيو (24) آيات ۽ اَذڪار جو هڪ هڪ اکر دُرُسْت

ادا ڪيو ۽ (25) نماز ۾ جيڪو ڪجهه پڙهندا آهيو ان جي معنٰي تي نظر رکو (26) نماز جا فرض، واجبات، سُنّتون ۽ مُستَحَبّ سني طرح ادا ڪيو (27) جَلَدي جَلَدي نہ بلڪ اطمينان سان نماز پڙهو.

خشوع اے خدا! تو نمازوں میں دیدے

اجابت کرم سے دعاؤں میں دیدے

الله پاڪ اسان کي پنج ئي نمازون، پابندي سان باجماعت مسجد ۾، ظاهري باطني آداب جو لحاظ رکندي پڙهندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## اميراهلسنت جي 4 ڪتابن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن هر عاقل بالغ مسلمان مرد ۽ عورت تي نماز فرض آهي، تيئن ئي ان جا ضروري احڪام سکڻ بہ ضروري آهن، امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ذات ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي، اميراهلسنت هر سطح جي فرد کي ذهن ۾ رکندي آسان انداز ۾ نماز جي فضائل ۽ احڪام جي متعلق 4 ڪتاب تحرير فرمايا آهن.

(1): فيضانِ نماز: هي ڪتاب تقريبًا 600 صفحن تي مشتمل آهي. نماز جي محبت ۽ ان جي آداب جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو نهايت مفيد آهي. هن ڪتاب ۾ نماز پڙهڻ جا ثواب، پنجن نمازن جا فضائل، جماعت سان نماز پڙهڻ جا فضائل، مسجد جا فضائل، سجدي جا فضائل، وغيره بيان ڪيا ويا آهن.

(2): نماز جو طريقو: تقريبًا 120 صفحن تي مشتمل هي رسالو هر عمر جي ماڻهن لاءِ مفيد آهي، هن ۾ حنفي نماز جو مڪمل طريقو بيان ڪيل آهي، پڻ نماز جا فرائض و واجبات، سنتون ۽ آداب، مڪروهات و مستحبات کي بيان ڪيو ويو آهي، هن رسالي جي مطالعي سان نماز جي احڪامن جي ڪافي ڄاڻ ملي ويندي آهي.

(3): نماز جا احڪام: هن ڪتاب ۾ تقريبًا 12 رسالا شامل آهن، جن ۾ وضو، نماز، غسل، تيمّم، قضا نمازن جو طريقو، جمعو، عيدين، ۽ جنازي جي نماز جا احڪام تفصيل سان بيان ٿيل آهن.

(4): اسلامي ڀينرن جي نماز: هن ڪتاب ۾ اسلامي ڀينرن جي نماز جو مڪمل طريقو بيان ڪيو ويو آهي، ان سان گڏو گڏ انهن جي طهارت، نجاست، وضو وغيره جا احڪام بہ بيان ڪيا ويا آهن.

اهي چار ئي ڪتاب هر فرد ۽ هر گهر جي ضرورت آهن، اڄ ئي اهي ڪتاب مڪتبة المدينہ تان قيمت ڏئي طلب ڪيو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawat e Islami.net تان ڊائون لوڊ ڪريو.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

اي عاشقانِ رسول! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو! دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم آهي: "فجر جي لاءِ جاڳائڻ" ياد رهي! نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت آهي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي سان وابستہ ڪثير عاشقانِ رسول هن مبارڪ سُنَّت تي عَمَل جي سَعَادت حاصِل ڪن ٿا، اوهان بہ پنهنجي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پياري پياري سُنَّت تي عَمَل ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دُنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

## فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافلي سان گڏ اسان هڪ شهر ۾ وياسين، اَذانِ فَجر کان بعد اسان صداءِ مدينہ لڳائيندي وڃي رهيا هئاسين تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن (Mordern) نوجوان اسان سان گڏ شامِل ٿيو ۽ ان فَجر جي نماز مسجد ۾ باجماعت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جا والِد صاحب مَدَني قافلي وارن سان ملڻ جي لاءِ آيا، هو مالدار هئا. انهن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان منهنجو نافرمان ماڊرن

(Mordern) بي نمازي پٽ پنج وقت نماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن ماڊرن نوجوان جي والِد مُتَاَثِّر ٿي ان شهر ۾ مَدَني مرڪز فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ڏئي ڇڏي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (Madani Qaida). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (Audio) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندؤ، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1 مشكوٰة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

# قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سنّت آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) منهنجي اُمَّت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآن آهي[1] (2): جيڪو رات جو 200 آيتون تلاوت ڪري، ان جو نالو عبادت گذارن ۾ لکيو ويندو ۽ جيڪو 400 آيتن جي تلاوت ڪري، ان جي لاءِ هڪ قِنْطار اَجُر لکيو ويندو، هڪ قنطار 120 قيراط جي برابر آهي ۽ هڪ قيراط اُحُد جبل جيترو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا. ❁ حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: ڪا شيءِ پاڻ سڳورن کي تلاوت کان نہ روڪيندي هئي ❁ پاڻ سڳورا رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوري سورة بقره ۽ سوره آل عمران جي تلاوت فرمائيندا هئا ❁روزانو رات جو سوره سجده، سوره ملڪ، سوره بني اسرائيل، سوره زُمَر، سوره ڪافرون، سُوره فلق ۽ سوره ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا. ❁ الله پاڪ اسان کي بہ خوب تلاوت قرآن پاڪ جي توفيق عطا فرمائي.

اِلٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 100 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

---

[1] شُعَبُ الْاِيْمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحہ:347، حديث:2004۔
[2] شُعَبُ الاِيْمان، جلد:2، صفحہ:401، حديث:2197۔

| | |
|---|---|
| غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو |
| رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البدیع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.

(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنۡھُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته

هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.

(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## (١) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.

(مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد